SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر X مجريہ 1975

SINDH ACT NO.X OF 1975

آبڪاري قانون (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1975

THE ABKARI LAWS (SINDH AMENDMENT) ACT, 1975

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. ترميم

Amendment

3. سنڌ آبڪاري قانون 1978 (سنڌ ايڪٽ V مجريہ 1978)

The Sindh Abkari Act, 1898

4. سنڌ نشي جي استعمال جي روڪٿام جو قانون 1940 (سنڌ قانون نمبر 4 سال 1910)
5. اولهہ پاڪستان آفيم جي استعمال جي روڪٿام جو حڪم نامو 1960 (اولهہ پاڪستان حڪم نامو نمبر 2 سال 1960) جيئن صوبي سنڌ ۾ لاڳو ڪري سگهجي.

سنڌ ايڪٽ نمبر X مجريہ 1975

SINDH ACT NO.X OF 1975

آبڪاري قانون (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1975

THE ABKARI LAWS (SINDH AMENDMENT) ACT, 1975

[19 اپريل 1975]

سنڌ آبڪاري قانون 1978، سنڌ نشي جي استعمال جي روڪٿام جو قانون 1940 ۽ اولهہ پاڪستان آفيم جي استعمال جي روڪٿام حڪم نامو 1960 جي قانون ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ لاءِ ايڪٽ

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ اهو مناسب سمجهيو ويو سنڌ آبڪاري قانون 1978، سنڌ نشي جي استعمال جي روڪٿام جو قانون 1940 ۽ اولهہ پاڪستان آفيم جي استعمال جي روڪٿام حڪم نامو 1960 کي هن ريت وڌيڪ ترميم ڪيو وڃي.

جنهن کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو.

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

1. (1) هي ايڪٽ آبڪاري قانون (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1975 سڏيو ويندو.

(2) هي هڪدم نافذ ٿيندو.

ترميم

Amendment

2. جدول جي ڪالم نمبر 2 ۾ ڄاڻايل قانون ترميم ڪيا وڃن ٿا، جيڪي ڪالم نمبر 3 جي طور طريقي موجب هوندا.

جريان نمبر	قانون سازيءَ جو عنوان	ترميمون (Amendments)
1	2	3
.1	سنڌ آبڪاري قانون 1978 (سنڌ ايڪٽ V مجريہ 1978)	1. دفعہ نمبر 43 ۾- (الف) ذيلي دفعہ 1 ۾ لفظن "3 سالن لاءِ يا ڏنڊ سان جيڪي پنجن هزارن تائين وڌائي سگهجن ٿا يا ٻئي" جي جڳهہ تي لفظ "ست سالن يا ڏنڊ سان جيڪي هڪ لک تائين وڌائي سگهجن ٿا يا ٻئي" متبادل بڻايا ويندا. (ب) ذيلي دفعہ 2 ۾ لفظن "پنج سالن لاءِ ۽ ڏنڊ جيڪي ست هزارن تائين وڌائي سگهجن ٿا" جي جڳهہ تي لفظ "ست سال ۽ ڏنڊ جيڪي هڪ لک رپين تائين وڌائي سگهجن ٿا" متبادل بڻايا ويندا. (ج) ذيلي دفعہ 3 ۾ لفظن "پنج سالن ۽ ڏنڊ جيڪو ست هزار رپين تائين وڌائي سگهجن ٿا" جي جڳهہ تي لفظ "ست سالن ۽ ڏنڊ جيڪو هڪ لک رپين تائين وڌائي سگهجن ٿا" متبادل بڻايا ويندا. 2. دفعہ نمبر 46 ۾ لفظ ۽ ڪاماڻون "جيڪي ست هزار رپيا يا سزا سان جيڪا پنجن سالن تائين وڌائي سگهجن ٿا، يا ٻئي" لفظ ۽ ڪاماڻون "هڪ لک رپيا، يا سزا جيڪا ستن سالن تائين وڌائي سگهجن ٿا، يا ٻئي" متبادل بڻايا ويندا. 3. دفعہ نمبر 51 ۾ لفظ ۽ ڪاماڻون جيڪي "پنج هزار رپيا يا سزا جنهن جو عرصو ٽن سالن تائين وڌائي سگهجن ٿا، يا ٻئي" جي جڳهہ تي لفظ ۽ ڪاماڻون

		"هڪ لک رپيا يا سزا سان، جنهن جو مدو ستن سالن تائين وڌائي سگهجن ٿا، يا ٻئي" متبادل بڻايا ويندا. 4. دفعہ نمبر 55_A ۾، حدبنديءَ واري دفعہ ۾، لفظن "پنج هزار رپيا" جي جڳهہ تي لفظ "هڪ لک رپيا" متبادل بڻايا ويندا.
2.	سنڌ نشي جي استعمال جي روڪٿام جو قانون 1940 (سنڌ قانون نمبر 4 سال 1910)	1. دفعہ نمبر 3، 4 ۽ 5 ۾- (الف) لفظ جيڪي "ٽي سال يا ڏنڊ سان جيڪي پنج هزار رپين تائين وڌائي سگهجي ٿو" جي جڳهہ تي لفظ "ست سالن يا ڏنڊ سان جيڪي هڪ لک رپين تائين وڌائي سگهجي ٿو" متبادل بڻايا ويندا، ۽ (ب) لفظ جيڪي "پنج سالن يا ڏنڊ سان جيڪي ست هزار رپين تائين وڌائي سگهجي ٿو" جي جڳهہ تي لفظ "ست سالن يا ڏنڊ سان جيڪو هڪ لک رپين تائين وڌائي سگهجي ٿو" متبادل بڻايا ويندا. 2. دفعہ نمبر 23 ۾ ذيلي دفعہ نمبر 1 ۾، لفظ ۽ انگ "20000 رپيا" جي جڳهہ تي لفظ "هڪ لک رپيا" متبادل بڻايا ويندا.
3.	اولهہ پاڪستان آفيم جي استعمال جي روڪٿام جو حڪم نامو 1960 (اولهہ پاڪستان حڪم نامو نمبر 2 سال 1960) جيئن	1. دفعہ نمبر 4 ۾، لفظ جيڪي "پنج سال يا ڏنڊ سان جيڪو ست هزار رپين تائين وڌائي سگهبو يا ٻئي" جي جڳهہ تي لفظ "ست سال يا ڏنڈ سان جيڪو هڪ لک رپين تائين وڌائي سگهبو" متبادل بڻايا ويندا. 2. دفعہ نمبر 5 ۾، لفظ جيڪي "سادي يا سخت سزا جنهن جو

	صوبي سنڌ ۾ لاڳو ڪري سگهجي.	مدو پنجن سالن تائين هوندو يا ڏنڊ سان جيڪو ست هزار رپيا يا ٻئي ٿيندو" جي جڳهه تي لفظ "سادي يا سخت سزا جنهن جو مدو ستن سالن تائين هوندو يا ڏنڊ جيڪو هڪ لک رپيا يا ٻئي" متبادل بڻايا ويندا. 3. دفعه نمبر 6 ۾ لفظ ۽ ڪاماڻون "پنج سال يا ڏنڊ جيڪو ست هزار رپين تائين وڌائي سگهبو يا ٻئي" جي جڳهه تي لفظ "ست سال يا ڏنڊ سان جيڪو هڪ لک رپين تائين وڌائي سگهبو يا ٻئي" متبادل بڻايا ويندا.